تُحفة الطّاہرِیْن

از

شیخ مُحمّد اعظم تتویؔ

تحفة الطاهرين

تحفة الطّاهرين

تاليف

شيخ محمد اعظم بن محمد شفيع ٺٽوي

بتصحيح و تحشيه

بدر عالم دراني



سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ،
بندر روڊ ڪراچي.

★

تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد (سنڌ)

پهريون ڇاپو ١٩٥٦ — هڪ هزار ڪاپيون

قيمت ٠—٨—٣

ملڻ جا هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جا بڪ اسٽال —
سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي:
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ)

نيو سنڌ پريس، وڪٽوريا روڊ ڪراچيءَ ۾، ايم . يو . عباسيءَ ڇپي
ڪتاب ڇاپيو؛ ۽ محمد ابراهيم محمد خان جوڻيجي، سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ان کي شايع ڪيو.

ناشر طرفان ٻه اکر

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ ۾ "قومي تاريخ ۽ ادب کي فروغ ڏيڻ واريءَ اسڪيم" ماتحت مرتب ڪرائي ڇپايو ويو آهي. انهيءَ اسڪيم جو مقصد هي آهي ته خصوصاً فارسي ۽ عربي زبانن ۾ تاريخ، سوانح، حديث، تصوف ۽ شعر جي موضوعن تي سنڌ جي مايه ناز عالمن ۽ مفڪرن جا لکيل اهي شاهڪار ڇپائي پڌرا ڪيا وڃن، جن مان اڄ به ڪيترائي مخطوطن جي صورت ۾ سنڌ جي ڪن خانگي ڪتب خانن ۾ زبون حالت ۾ موجود آهن.

اها اسڪيم چئن سالن (١٩٥٦-٥٩ع) جي عرصي ۾ مڪمل ٿيڻي آهي، ۽ ان مطابق بورڊ جي تجويز آهي ته عربي زبان ۾ ١٤ ڪتاب، فارسي زبان ۾ ٣٠ ڪتاب تاريخ جي موضوع تي ۽ ٥٧ ڪتاب فارسي شعر و ادب جي موضوعن تي، اردو زبان ۾ ٧ ڪتاب ۽ انگريزيءَ ۾ ٦ ڪتاب شايع ڪيا ويندا.

هي ڪتاب فارسي ڪتابن جي سلسلي جو ٻيو نمبر ڪتاب، ۽ سڄي اسڪيم مطابق هيل تائين ڇپيل ٽيون نمبر ڪتاب آهي.

شڪريو

سنڌي ادبي بورڊ، حڪومت پاڪستان جي وزارت تعليم جو ممنون آهي، جن هن اسڪيم ۾ دلچسپي ورتي، بورڊ کي آن ماتحت هنن ڪتابن ڇپائڻ لاءِ مناسب مالي امداد ڏني آهي.

فهرست

باب اول

کوه مکلي

باب دویم

فصل اول

محله غله بازار

فصل دویم

محله بهائیخان

فصل سوم

محله سهتیه

فصل چهارم

محله مغل واره

فصل پنجم

محله اگر

فصل ششم

محله تندسر

فصل هفتم

محله گدا بازار

فصل هشتم

محله خواجه شکر

فصل نهم

محله مسگر

فصل دهم

محله تهتي

فصل یازدهم

قلع ارک

مقاله

سواد بلده

ضمیمہ اقتباس کتاب "ہیئت العالم"

مقدمو

سنڌ هجي يا هندستان، عرب هجي يا ايران - هر هنڌ ۽ هر ملڪ ۾ انساني عادتن کي اجارڻ ۽ آسارڻ، بگڙيل سوسائٽيءَ کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ، انساني زندگيءَ ۾ هڪ نئين روح ڦوڪڻ ۽ اخلاقي نظام پيدا ڪرڻ لاءِ، ڀلارن بزرگن ۽ صوفين سڳورن جيڪي ڏک ڏولاوا سٺا آهن، روحاني رياضتون ڪيون آهن، خدا جي مخلوق جون خدمتون بجا آنديون آهن ۽ ڪيترن گمراهن جون رهنمايون ڪيون آهن، تن کي دنيا جي تاريخ ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. انهن جا آهي سونهري ۽ سهاجها گفتا، قدر ۽ عزت جي قابل ڪارناما اسان جي اڳوڻي شان مان ۽ ڏيک ويک جا آهي سدائين روشن ڏيا آهن، جن کي زماني جي انڌيرن جون آنڌيون ۽ هيبت ناڪ حادثن جا هنگاما ڪڏهن به اجهائي نٿا سگهن. سندن گفتار ۽ ڪردار، عمل ۽ فڪر، سچائيءَ ۽ صفائيءَ جو جذبو هڪ آهو اجرل آئينو آهي، جنهن کي سامهون رکي، هر وقت ۽ هر حال ۾ پنهنجي مستقبل جي پريشان پيشانيءَ کي اجاري ۽ سنواري سگهجي ٿو.

اسلامي تاريخ جي انهيءَ حقيقت کان ڪڏهن به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ۽ اها ڪنهن به حالت ۾ وسارڻ جوڳي نه آهي ته جيتوڻيڪ مسلمان حاڪم پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ هڪ وڏي دٻدٻي ۽ اعليٰ اقتدار جا مالڪ هئا، پر تنهن هوندي به انهن اسلام جي ڪا اهڙي خدمت ڪانه ڪئي، جا انهن تڏن تي ويهندڙ ۽ دنيا جي تارڪن ڪان

ڳوءِ کڻي ويئي هجي. تنهن ڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ اسلامي تاريخ جي ڦهڪندڙ چمن ۾ جيڪڏهن سرها ۽ سيبائيندڙ گل آهن تہ آهي اهي ئي پيارا بزرگ ۽ اولياءَ سڳورا آهن، جن جي شخصيت هندين ماڳهين ممتاز آهي، جنهن تي اسلامي تاريخ جيترو ناز ڪري، اوترو گهٽ آهي.

جيڪڏهن انهن بزرگن جي سهڻيءَ سيرت ۽ سندن نيڪ عملن جي نزاڪت ۽ نفاست تي ويچار ڪبو، تہ معلوم ٿيندو تہ آهي هر زماني ۾ هر اديب ۽ هر مصنف جي دل ۾ هڪ قسم جي خاص ڪشش پيدا ڪندا رهيا آهن، جنهن جو اندازو انهيءَ منجهان لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن خدا جي نيڪ ٻانهن جي سوانح عمرين لکڻ ۽ سندن احوال گڏ ڪرڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش جيڪا اسان جي اديبن ڪئي آهي، تنهن جو مثال دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ قوم ۾ نہ ٿو ملي سگهي. مسلمانن جي علمي تاريخ جي جنهن بہ دور جو مطالع ڪبو، تنهن ۾ انهيءَ موضوع تي لکيل ڪيترائي ڪتاب نظر ايندا. اهڙيءَ ريت اهو ذوق ايتري قدر عام هو، جو هر ملڪ جي مسلمانن پنهنجن پنهنجن حدن اندر پنهنجي ديس جي اوليائن سڳورن جي احوال ۾ ڪيترائي ڪتاب جوڙي راس ڪري ڇڏيا.

انهن علمي ڪارنامن ۾ اسان جي سنڌ سڳوريءَ جا اديب بہ ڪنهن کان پٺتي پيل نہ ٿا ڏسجن، ۽ اڄ بہ سنڌين جي علمي ذخيرن ۾ انهيءَ عنوان تي لکيل آهي آهي ڪتاب موجود آهن، جن جي وسيلي انهن صوفين سڳورن جي علمي، عملي ۽ تبليغي ڪارنامن ۽ سندن عام زندگيءَ جا نقش تمام چٽيءَ طرح اسان جي اکين آڏو ڦري ٿا اچن.

جيتوڻيڪ سنڌين جو صدين کان سانڍيل علمي سرمايو، زماني جي حادثن ۽ هنگامن جي ڪري گهٽي پاڳي وڃائجي ۽ هيٺ مٿي ٿي چڪو آهي، پر تنهن هوندي بہ انهي موضوع تي لکيل جيڪي تذڪرا هٿ اچي

سگهيا آهن، سي پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهن منجهان ”حديقة الاوليا“، ”تذكرة المراد“، ”معارف الانوار“، ”معيار سالڪان طريقت“، ۽ ”تحفة الطاهرين“ وغيره خاص خوبين ۽ خصوصيتن سان سينگاريل ۽ هر طرح ذڪر ڪرڻ جي قابل آهن. وري به خدا جو شڪر آهي جو اهڙا ناياب ڪتاب آسماني آفتن ۽ زمين جي فسادن ۽ بگيڙن کان بچي ڪنهن حيلي بهاني سان اسان جي هٿن جي زينت، دلين جو ثار ۽ نيڻن جو نور بڻيا آهن. اهي سڀئي ڪتاب اڃان تائين قلمي صورت ۾ آهن ۽ ڇپائيءَ جي سهڻن ۽ سيبائيندڙ گهڻن سان سينگارجي ۽ سنوارجي عام وارن جي اکين جو آرام ۽ قدردانن جي سٽيادار محفلن جو سينگار نه بنجي سگهيا آهن. انهيءَ جو سبب رڳو اهو آهي ته سنڌ ۾ ڇاپي جي شروعات ئي ان وقت ٿي جڏهن انگريزن جي اٽانگي اقتدار پارسي ٻوليءَ جي اعليٰ اوج، اقبال ۽ هم- گير حڪمرانيءَ کي هڪدم ختم ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري اهڙي قسم جا سوين نادر ۽ نفيس نسخا بيقدري سبب اڄ تائين رڳو المارين جي زينت بڻيا رهيا.

اهو قدرت جو هڪ احسان ٿيو، جو سنڌي ادبي بورڊ پارسي ڪتابن جي ڇاپائڻ ۽ ڦهلائڻ جو نهايت اهم ۽ ضروري ڪم وقتائتو شروع ڪري، سڀني کان اڳرائي حاصل ڪئي آهي. سچيءَ سنڌ مان هٿ آيل پارسي ۽ عربي قلمي نسخن کي سڌاري ۽ سنواري، سندن ڇپائڻ لاءِ هڪ خاص پروگرام رٿيو آهي، جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل تذڪرا به شامل آهن.

هيءُ تذڪرو ”تحفة الطاهرين“ انهيءَ ئي پروگرام جي هڪ اهم ڪڙي آهي، جنهن کي گهربل طريقي سان ترتيب ڏيئي ۽ ضروري حاشين سان سينگاري ۽ سنواري علمي دنيا جي آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو اميد ته سندس باطني نور، اکين وارن جي حضور ۾ منظور ٿي سندن دلين کي سرور ۽ روح کي راحت بخشيندو رهندو.

مؤلف جو احوال

”تحفة الطاهرين“ جي مؤلف شيخ محمد اعظم جو پورو احوال ڪٿان به ڪونه ٿو ملي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي معلومات بلڪل اڻ پوري آهي. ڇاڪاڻ ته بدقسمتيءَ سان اهڙو ڪو به تذڪرو يا تاريخ نٿي ملي، جنهن منجهان سندس سوانح حيات جو ڪو پتو پئجي سگهي: ايتري قدر جو سنڌ جو مشهور مؤرخ مير علي شير ”قانع“، جنهن ”تحفة الڪرام“ ۽ ”مقالات الشعراء“ جي وسيلي، سنڌجي مشاهيرن ۽ بزرگن کي هڪ نئين حياتي بخشي ۽ گمناميءَ جي گوشي ۾ پيل ڪيترن شاعرن، اديبن ۽ ڪماليت جي صاحبن کي پنهنجي قلم جي گردش سان ذري مان آفتاب بنائي ڇڏيو، سو به شيخ محمد اعظم جي همعصريءَ ۽ دوستيءَ جا تعلقات بلڪل وساري ويو آهي. جنهن لاءِ خبر نه آهي ته ڪهڙو سبب هو.

بهر حال سڀني طرفن کان مايوس ٿي، اسان آخر شيخ محمد اعظم جي پنهنجن تاليف ڪيل ڪتابن ”تحفة الطاهرين“ ۽ ”هيئت العالم“ جي ورق گرداني شروع ڪئي، جن منجهان سندس حياتيءَ سان تعلق رکندڙ ڪي ٽڙيل پکڙيل ٽڪرا اسان جي هٿ لڳا، جن کي سموهي ۽ سنواري هيٺين صفحن ۾ سندس سوانح حيات تيار ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ انهن گڏ ڪيل سٽن کي پوري سوانح حيات نٿو چئي سگهجي، پر تنهن هوندي به ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي ته حالات جي ترتيب ڪي اهڙيءَ ريت قائم رکيو وڃي، جنهن ۾ شيخ جي زندگيءَ جي تصوير گهڻي ڀاڱي صاف ۽ چٽي ڏسي سگهجي.

وطن، خاندان، تعليم ۽ تربيت

”تحفة الطاهرين“ جي مصنف جو اصلي نالو شيخ محمد اعظم ۽ سندس والد جو نالو محمد شفيع بن عبدالسلام هو. سندس رهڻ جو

هنڌ ٺٽي جهڙو شاندار شهر هو، جنهن کي سنڌ جي ڪيترين ممتاز هستين کي جنم ڏيڻ جو فخر حاصل آهي، ۽ جو ڪيترين صدين تائين علم ۽ فضيلت، تصوف ۽ معرفت، زهد ۽ عبادت، شعر ۽ ادب جو هڪ بَرسيل باغ بڻيو رهيو آهي.

نهايت افسوس آهي، جو شيخ محمد اعظم پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۽ تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ پنهنجن تصنيفن ۾ ڪٿي به ڪو اهڙو اشارو ڪو نه ڪيو آهي، جنهن منجهان معلوم ٿي سگهي ته هن علم ۽ فضيلت جي ڪهڙن مدرسن ۾ وڃي تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪهڙن ڪهڙن پلا رن بزرگن ۽ ممتاز اُستادن سندس قابليت جي جوهر کي هر حالت ۾ ممتاز ۽ اگهي ڪان اگهرو بنائي، ڪيس چڱيءَ طرح سنواريو ۽ چمڪايو. البت ڪجهه قدر قياس سان چئي سگهجي ٿو ته شيخ محمد اعظم شروعاتي تعليم ۽ تربيت ٺٽي ۾ ئي حاصل ڪئي هوندي، ۽ انهيءَ علم جي اونهي بحر جي ئي ڪنهن سچيءَ سپ ۾ سپجي، پنهنجي وقت جو هڪ مٽيادار موتي ٿي چمڪيو هوندو. سندس ڪتابن جي مطالعي منجهان اسان کي چڱيءَ پر معلوم ٿئي ٿو ته مروج علومن ۾ سندس پايو بيحد بلند هو ۽ فارسي زبان تي ته ڪيس پوري قدرت حاصل هئي.

هن پنهنجي ڪتاب ”هيئت العالم“ کي ترتيب ڏيڻ وقت ڪيترن ئي ڪتابن کي پنهنجي آڏو رکيو آهي، جن جو تفصيل اسين اڳتي هلي ڏينداسين. انهيءَ منجهان پڻ اسين سندس علمي ذوق، وسيع مطالعي ۽ علم ۾ اونهي وڃڻ جو اندازو لڳائي سگهون ٿا.

شيخ محمد اعظم جو زمانو

شيخ محمد اعظم جو دور، ڪلهوڙن جي پڇاڙيءَ ۽ ٽالپر حاڪمن جي شروعات وارو زمانو آهي، جنهن کي سنڌ ۾ پارسي ادب جي اوج ۽ ترقي، تصنيف ۽ تاليف جي گهڻائيءَ واري لحاظ سان، هڪ سونهري

دور لکيو وڃي ٿو. سنڌي مصنفن جون پارسي تصنيفون جيتريون انهيءَ دور جون موجود آهن، اوتريون ٻئي ڪنهن به دور ۾ ڪونه ٿيون ملن، ۽ ساڳئي وقت اِهو دور سنڌ ۾ پارسي ٻوليءَ جو به آخري دور سمجهيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٽالپرن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ جتي اسان جي تهذيب ۽ تمدن تي انگريزي حڪومت جو اثر پيو، آتي علم پرورن جون آهي علمي قدردانيون ۽ ادبي نوازشون به اک ڇنڀ ۾ ناس ٿي ويون، جيڪي اسان کي ڪلهوڙن ۽ ٽالپر حاڪمن جي زماني ۾ پارسي ٻوليءَ جي ادبي ڪاوشن ۽ ذهني محنتن لاءِ بطور انعام جي حاصل هيون، ۽ پارسي ٻوليءَ کي انهيءَ انصاف ۽ مهربانين، فياضين ۽ قدردانين، همت افزاين ۽ سرپرستين اڻ ڳڻيون رونقون ۽ حد کان وڌيڪ رنگينيون بخشي ڇڏيون هيون.

انگريزن پنهنجي حڪومت جي چالاڪين ۽ مڪارين جي وسيلي عام ماڻهن جي دلين جو لاڙو پارسي ٻوليءَ جي طرفان بلڪل هٽائي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته پارسي اُن زماني ۾ اسان جي علمي توڙي ثقافتي سرمائي جو هڪ سرچشمو هئي، جنهن کي قائم رکڻ سندن منشا ۽ مقاصدن جي بلڪل خلاف هو.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾ شيخ محمد اعظم جون مشغوليون ڪهڙيون هيون، تنهن جي باري ۾ پروسي جهڙي ڳالهه ڪا به ملي ڪانه ٿي سگهي. رڳو ايترو معلوم ٿيو آهي ته هن پنهنجي عمر جو گهڻو حصو جدا جدا هنڌن ۽ شهرن جي گهمڻ گهتڻ ۽ سير ڪرڻ ۾ گذاريو. ''هيئت العالم'' جي مطالعي منجهان خبر پوي ٿي ته هو تمام گهڻو وقت سورت ۾ وڃي رهيو هو، ۽ آتان جي مشهور عالم ۽ پهتل شخص مولانا خيرالدين نقشبندي جي مريدن جي ٽولي ۾ شامل ٿي، بيعت جو شرف حاصل ڪري ۽ اُتان ئي تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون پوريون ڪري واپس وريو هو.

مولانا خيرالدين نقشبندي

شيخ محمد اعظم جي مرشد مولانا خيراندين نقشبنديءَ جو سچو نالو، مولانا خيرالدين محمد زاهد سورتي هو. هيءُ بزرگ پوئين دور جي انهن ٿورن شخصن مان هو، جي پنهنجي فضيلت، ڪماليت، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪري، پنهنجن وڏن جو سچو پچو يادگار ۽ فخر ڪري ليکيا ويندا هئا. هن ظاهري علمن جي تحصيل مولانا عبدالرزاق سورتيءَ وٽان ڪئي هئي. اسان جي سنڌ لاءِ اهو فخر گهٽ نه آهي، جو اهڙي وڏي مان ۽ مرتبي وارو عالم ۽ زنده دل درويش، جنهن سورت منجهه علم ۽ عرفان جو چراغ جلائي سڄي عالم اسلام کي روشن ڪيو، تنهن جي علمي فيض جو بنيادي سرچشمو به سنڌ منجهان ئي ڦٽي نڪتو هو. مولانا خيرالدين هڪ ڊگهي عرصي تائين مديني شريف ۾ رهي، شيخ محمد حيات سنڌيءَ وٽان حديث جو درس حاصل ڪيو ۽ وٽانئس ئي سند حاصل ڪري مديني شريف مان موٽي، جڏهن پنهنجي وطن وريو، تڏهن اٽڪل پنجاه سالن تائين هن درس ۽ تدريس، فيض ۽ هدايت جهڙن نيڪ ڪمن ۾ پاڻ کي مشغول رکيو.

سيد مرتضيٰ زبيدي، پنهنجي ڪتاب ”برنامه“ ۾ مولانا خيرالدين نقشبنديءَ جي هڪ تصنيف ”شواهد التجديد“ جو به ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو موضوع تصوف ۽ سلوڪ هو. سيد مرتضيٰ زبيدي جڏهن حجاز ڏانهن ٿي ويو، تڏهن مولانا خيرالدين جي مدرسي ۾ اچي ٽڪيو هو، ۽ گهڻي ڀاڱي پاڻ به علمي استفادو وٽانئس حاصل ڪيو هئائين.

انهيءَ بزرگ سنه ١٢٠٦ هه ۾ وفات ڪئي، ۽ سورت ۾ ئي دفن ٿيو ١.

---

(١) ”يادِ ايام“ از سيد عبدالحي؛ ”تذڪرهء صلحاي سورت“؛ ”فهرس الفهارس“، لعبدالحي الڪتاني؛ ”تذڪرهء محبوبِ ذي المنن“.

"تحفة الطاهرين" جي مؤلف جو علمي استفاد و

مولانا خيرالدين جهڙي زبردست عالم ۽ صاف دل صوفيءَ جي خدمت ۾ رهي، شيخ محمد اعظم نه رڳو سلوڪ ۽ معرفت جون منزلون پوريون ڪيون، پر ڪيس علم جي آنهيءَ اونهي بحرمان ظاهري علمن ۾ به سڀ ڪجهه حاصل ٿيو. عربي ٻوليءَ جي جيد عالم ۽ ''لسان العرب'' جهڙي بين الاقوامي شهرت لکندڙ لغت جي مصنف سيد مرتضي زبيديءَ جهڙن صورت ۾ مولانا خيرالدين و ٺان علمي استفاد و حاصل ڪيو هو، تنهن ڪري انهيءَ لاڳاپي سبب شيخ محمداعظم سندس استاد ڀائي به سڏجي ٿو.

اسين جڏهن مولانا خيرالدين جي مدرسي جو تصور ڪريون ٿا، تڏهن اسان کي ''تحفة الطاهرين'' جو صاحب، هڪ خاموش طالب علم نه، پر هڪ محقق شاگرد جي حيثيت ۾ نظر اچي ٿو. جيئن ته هو پنهنجي ڪتاب ''هيئت العالم'' ۾ پنهنجي علمي استفادي جو هڪ واقعو نقل ڪندي لکي ٿو:

"مؤلفِ اين رساله روزي در بندرِ سورتِ از خدمت قدوة المشائخ زبدة الفضلاء حضرت مولوي خيرالدين نقشبندي سوال کرد که "هرگاه جميعِ افلاک در گردش تابعِ فلک الافلاک باشند و بتبعيت او در شبان روزي دورِ خود تمام کنند، پس گردشِ آنها بذاتِ خود علحده چگونه صورت پذيرد؟" فرمودند: "هم چنان که دولاب ميگردد و موري هم برآن تردد مينمايد تا دولاب چرخ زند و دورِ خود را تمام کند، موري هم بحرکتِ طبيعيءِ خود مقداري رفته باشد، هرچند که بتبعيتِ دولاب دورِ او تمام شده ۲."

(۲) ديباچو ''هيئت العالم'' صفحو ۹ ۽ ۱۰.

متئين سوال ۽ اُن جي جواب مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته محمد اعظم جي طبيعت ڪيڏي نه دقت پسند هئي، ۽ مولانا جي خدمت ۾ رهي هن علوم جا ڪهڙا ڪهڙا گوشا معلوم ڪرڻ گهريا ٿي.

سورت ۾ رهڻ وارو زمانو

اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته ''تحفة الطاهرين'' جو مؤلف سنه ١١٦٠ھ ۾ سورت منجهه موجود هو. البت اها خبر ڪانه ٿي پئجي سگهي ته هو سورت ۾ ڪڏهن آيو، ۽ ڪيتري وقت تائين رهيو. مٿي ڄاڻايل سال ۾ سنڌ جو ممتاز مؤرخ مير علي شير "قانع" سورت ويو هو، جتي ڪيس مير سعدالله سورتيءَ جي ٻن فرزندن مير عبدالعلي ۽ مير عبدالوليءَ جي نالن جي هيءَ خصوصيت معلوم ٿي ته جيڪڏهن پيءُ ۽ ٻنهي پٽن جي نالن جا پويان لفظ ملايا ويندا، ته ان مان "علي ولي الله" جو مشهور فقرو ٺهي پوندو. "قانع" انهيءَ جدت کي پسند ڪري، ارادو ڪيو ته جيڪڏهن ڪيس به پٽ ڄاوا ته هو اهڙيءَ ترڪيب سان سندن نالا رکندو جو نه رڳو اهو فقرو ٺهندو بلڪ هر هڪ نالي مان ٻنهي جي ڄمڻ جو سال به نڪرندو. (١) سنڌ ۾ موٽڻ ڪانپوءِ ڏيو به ائين - پهريون پٽ ڪيس ١١٦١ھ ۾ ڄائو، جنهن جو نالو غلام علي رکيائين؛ ١١٦٣ھ ۾ ڪيس ٻيو پٽ پيدا ٿيو، جنهن تي غلام ولي الله نالو رکي، مٿي بيان ڪيل فقري جي ترتيب به پوري ڪيائين، ۽ اهڙيءَ طرح نالن مان ٻنهي جي پيدا ٿيڻ جا سال به ڪڍيائين.

مير علي شير سورت ۾ پنهنجي هم وطن دوست شيخ محمد اعظم سان انهيءَ ارادي جو اظهار ڪيو هو، چنانچه جڏهن مير "قانع" کي ٻئي پٽ ڄاوا ۽ حسب خواهش سندن نالا رکي پنهنجو ارادو پورو

---

(١) "تحفة الڪرام" جلد ٣، صفحو ٣٣.

ڪيائين، تڏهن شيخ محمد اعظم کي ان جو اطلاع مليو، جنهن تي هن هيٺيون قطعو لکيو :

علي شير "قانع" حسيني که او — بود زبدهٔ آلِ خيرالبشر
يکي روز ميگفت با من براز — که ايزد ببخشد مرا دو پسر
يکي را بخوانم غلامِ علي — غلامِ وليِ الله نامِ دگر
که از اسمِ شان سالِ ميلادِ شان — بپيشِ سخن گو شود جلوه گر
'علي ولي الله' از هردو اسم — برآمد بوضع خوش و خوب تر
بخاموش ماندم ازين گفتگو — که اين از کرامات باشد مگر
بسه سال آن هردو پورِ گزين — که "قانع" از آن داد سابق خبر
ولادت موافق باعدادِ نام — خدايش عطا کرده با زيب و فر
تواي "اعظما" زين شگفتي مدار — که اين گفته ز الهام دارد اثر (١)

گذران جو وسيلو

شيخ محمد اعظم جي گذران جي باري ۾ اسان کي ڪو تفصيلوار احوال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. ''هيئت العالم'' منجهان ڳو ايتري خبر پوي ٿي تہ هو سورت جي گورنر مير حفيظ الدين وٽ نوڪريءَ ۾ هو ۽ شايد انهيءَ روزگار جي سانگي ئي هو صورت ۾ مقيم ٿيو هو. ٢

شيخ محمد اعظم جو سفر

''تحفة الطاهرين'' جي مؤلف جي حياتيءَ جو گهڻو حصو جدا جدا جدا شهرن جي سير ۽ سفر ۾ گذريو، پر اهڙو ڪو بہ مڪمل احوال نٿو ملي، جنهن منجهان اهو معلوم ڪري سگهون تہ هو ڪهڙن ڪهڙن شهرن ۾ ويو، ڪڏهن ويو ۽ ڪيترو وقت رهيو؟ ''هيئت العالم'' ۾ جدا جدا شهرن جو بيان ڪندي، ڪن شهرن ۾ هن پنهنجي موجود هئڻ ۽ اتان

(١) ياد داشت: سيد حسام الدين راشدي.
(٢) ديباچو ''هيئت العالم''.

جي عجيب ۽ اهم واقعن کي اکين سان ڏسڻ جو ذکر ڪيو آهي، جنهن جي آڌار تي اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته هو بمبئي، مسقط بندر ۽ قنڌار ڏانهن ويو هو. بمبئي بابت احوال ۾ اتان جي هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”مؤلفِ اين رساله براي‌العين مشاهده نموده آنست كه چوبهاي طويل و ضخيم كه قُطرِ آن دو گز كم و زياده باشد در كنارِ درياي محيط بجاي مناسب نصب ميكنند و اره را بر سرِ آن قائم ميسازند. هنگام هبوب باد كه دريا بتلاطم آيد و موج زند درحينِ جزر و مد موج از كشاكش اره بغير دستياريٴ احدي چوبهاي مذكور بريده ميشوند.“ ١

اوڙيسا جي بيان ۾ مسقط بندر ڏانهن وڃڻ جي باري ۾ اشارو ڪندي لکي ٿو:

”اهلِ آن ديار بر برگِ تار با ميلِ آهني كه نوك تيز دارد مثلِ كاغذ و قلم دفاتر مينويسند.

”مؤلفِ اين رساله در بندرِ مسقط گماشتگانِ سلطانِ عادل را بچشمِ خود ديده كه بر برگهاي مذكور با قلم آهني حسابِ لكوك مي نوشتند و از آنها مسموع شد كه بر همين برگها حاصلِ مملكت از باج و خراج ثبت ميكنيم و مثل دفاترِ كاغذ نگاه ميداريم.“ ٢

(١) ”هيئت العالم“ صفحو ٥٢

٢ ”هيئت العالم“ صفحو ٥٧

اهڙيءَ طرح ڪشمير جو بيان ڪندي، ”تحفة الطاهرين“ جي مؤلف، پنهنجي قندار جي سفر ڏانهن به اشارو ڪيو آهي. لکي ٿو ته جڏهن هو قندار ۾ هو، تڏهن آتان جي ماڻهن جي واتان ٻڌو هئائين ته ڪشمير جا ماڻهو زمين چورائي وٺندا آهن. اها زمين ڪيئن چورائبي هئي، تنهن جو تفصيل خود محمد اعظم جي لفظن ۾ هن ريت آهي:

”مؤلف اين رسالهٔ در سفرِ قندهار از شخصي معتبر شنيد كه ميگفت كه اهلِ كشمير زمين را بدزدند. گفتم چگونه؟ گفت: آب در آن ولايت بهر طرف دائر است بنابر مردمانِ آنجا چوبها را در آب استاده ميكنند، و بالاي آن سطح بمقدار چند گز قائم ميسازند و بر سرِ آن سطح كل ببلندي يک دو گز ريخته تخم در آن مي‌افشانند، و همچنين سطح چند درست كرده چمن باهم وصل كنند، باغ و زراعت ميشود، و آنها كه زمين را ميدزدند، شبانگاه در حيني كه صاحبِ ملک حاضر نباشد، يک سطح را از آن زراعت جدا ساخته از همان آب كشان كشان ميبرند و بزراعتِ خود وصل ميسازند.“ ١

ٺٽي ۾ رهائش ۽ سرڪاري منصب

”تحفة الطاهرين“ منجهان معلوم ٿئي ٿو ته شيخ محمد اعظم ڪي حڪومت جي پاران منصب مليل هو. جڏهن هو ڪجهه وقت جي لاءِ ٺٽي ۾ اچي رهيو هو، تڏهن ڪن نامعلوم سببن جي ڪري ٻن سالن تائين سندس اهو منصب بند ٿي ويو، جنهن ڪري سندس اهي ٻه سال ڏاڍي پريشانيءَ ۽ سڃائيءَ ۾ گذريا هئا. مؤلف ميان، نور محمد شاه مجذوب ٺٽويءَ جي تذڪري ۾، هن ريت ان جو ذڪر ڪيو آهي.

---

(١) ”هيئت العالم“ (ڪشمير جو بيان ڪندي)

"مؤلف اين رساله ايام چند عسرتِ احوال داشت. روزي بر درِ خانهٔ خود از استيلاي افكار چون پيكرِ تصوير حيران و استاده بودم، اتفاقاً آن سالكِ مسالكِ حقيقت از آن راه گذر مي آورد..." ١

مياں نور محمد شاه جي كشف ڀريل نگاهن، هڪڙيءَ ئي نظر سان سندس پريشانين جو اندازو لڳائي ورتو ۽ کيس بشارت ڏنائين ته "تن ڏينهن جي اندر تنهنجو بندڪيل منصب وري جاري ٿي ويندو." چنانچه ٿيو به ائين - شيخ صاحب لکيو آهي ته:

"بعدِ انقضاي سه روز چيزهاي دو ساله وجه منصب كه ايصالِ آن بهيچ وجه صورت نداشت، و بعد سعئ كلي دست از تلاشِ آن كوتاه نموده بود، يک دست بمعرضِ وصول در آمد و ايامِ عسر به يسر مبدل گرديد." ٢

"تحفة الطاهرين" ۾ جن بزرگن جا نالا درج ٿيل آهن، تن مان مياں نور محمد شاه مجذوب ئي هڪ اهڙو بزرگ آهي، جنهن سان "تحفة الطاهرين" جي مؤلف جي ملاقات ثابت ٿئي ٿي.

شاعري

انهيءَ علم ۽ فضيلت سان گڏ شيخ محمد اعظم، شعر گوئي ۽ سخن سنجيءَ ۾ به عمدي ذوق جو مالڪ هو. ليڪن افسوس آهي جو ڪوشش ۽ ڳولا ڪان پوءِ به اهو معلوم ٿي نه سگهيو ته هن پنهنجي ڪلام جو ڪو مجموعو به مرتب ڪيو هو يا نه؟ اسان کي سندس

---

(١) "تحفة الطاهرين" تذڪرو مياں نور محمد شاه مجذوب- باب نائون؛ سلسلو نمبر ١٣٩.

(٢) ايضاً

ڪتابن منجهان سنڌس شاعريءَ جا نموني طور ڪي ٽڪرا مليا آهن، جن ڪي اسين هن هيٺ درج ڪريون ٿا. انهيءَ مختصر ڪلام منجهان ئي سنڌس فڪر جي رسائي، خيالن جي بلندي، ڪلام جي سادگي، نزاڪت، اصليت ۽ دلڪشيءَ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

"هيئت العالم" جي ديباچي ۾ حمد ۽ نعت ۾ سنڌس هيٺيان شعر ملن ٿا:

خداوندي كه عالم آفريده   بقدرت روح در آدم دميده
بصر را داد بينائي كه بيند   ردان را روشني تا دين گزنيد
بساطِ خاک را خوش گسترانيد   بهر مور و ملخ روزي رسانيد
بحكم اوست هر بالا و هر پست،   بذكر اوست هر مستور و هر مست
تعالي الله چه نيكو كرد گا راست   كه نعمتهاش بيرون از شما راست

اهڙي طرح هيٺيان ٻه شعر نعت ۾ چيا اٿس:

زان كه باشد بر سرِ كون و مكان فرمان او
نقدِ فيضِ هر دو عالم در كفِ احسانِ او
شهسوارِ ملکِ قدس و پيشواي جنّ و انس
باعثِ ايجادِ عالم ذاتِ ذوالبرهانِ او

انهيءَ ساڳئي ديباچي ۾ پنهنجي ممدوح مير سهراب خان ٽالپر جي مدح ڪندي لکي ٿو:

جوان مردي كه رنج از خلق برده   بكوي نيک نامي پا فشرده
بگاهِ رزم چون رستم عنان‌دار   بوقتِ بزم چون جمشيد دربار
نظامِ دين و دولت مظهرِ جود   نشاطِ خلق ده بريک بر افروز
تعالی الله امير نيک كردار   نِكو سيرت نكو نام و نكو كار
بحقِ احمدِ مختار و حيدر   بحقِ اهلِ بيتِ پاک و اطهر
بكو نينش خداوندا شرف ده   بذاتِ عاليش آن ده كه آن به

شيخ محمد اعظم، پنهنجي ڪتاب ”هيئت العالم“ جي پڇاڙيءَ ۾ مير سهراب خان جي باري ۾ جيڪي دعائيه شعر لکيا آهن، تن ۾ نه رڳو شعريت جي شيرينيءَ معنيٰ جا موتي موجود آهن، بلڪ انهن مان پنهنجي ممدوح لاءِ سندس دل ۾ جيڪا محبت ۽ جيڪا عقيدت آهي ان جو اڻاه به معلوم ٿئي ٿو.

تعالى الله چه گلزار است رنگين عجائب بوستاني خلد آئين
فرح بخشِ دلِ آميدواران نشاط افزا چو ايّامِ بَهاران
درو بشگفته گلهاي عجائب بهر جانب تماشاي غرائب
مطر.... بهشتِ جاوداني خجل درپيش با ارژنگِ ماني
گلِ احبار ازو مفهوم گردد نديده يک بيک معلوم گردد
خدايا اين نگارين بوستان را که هردم خوش کند روح روان را
ز چشمِ حاسدانش در امان دار قبولِ خاطرِ سهراب خان دار (١)

تصنيفون

شيخ محمد اعظم ڪيترا ڪتاب لکيا، انهن جا نالا ۽ هئا ۽ ڪهڙن عنوانن تي هئا، ان جو پورو تفصيل معلوم ڪونه ٿو ٿئي. البته اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن گهڻيئي ڪتاب مرتب ڪيا، جيڪي زماني جي اٿل پٿل تلف ڪري ڇڏيا ”هيئت العالم“ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته

”و احوال اکثر ازين بزرگواران از رساله مسمي به ”تحفة الطاهرين“ که از جمله تاليفات مسودِ اين اوراق است معلوم شود.“

”جملهء تاليفات“ جي فقري منجهان انهيءَ ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي. افسوس آهي، جو هن وقت سندس رڳو به ڪتاب ملن ٿا،

---

(١) ديباچو ”هيئت العالم“ ۽ ڪتاب جي پڇاڙي.

جن مان هڪ ”تحفة الطاهرين“ آهي ۽ ٻيو ”هيئت العالم“.

”تحفة الطاهرين“

هن تذڪري ۾ آنهن اونيائن، اڪابرن ۽ صوفين جي سوانح ڏنل آهي، جي ٺٽي ۽ مڪليءَ ۾ دفن ٿيل آهن. شيخ محمد اعظم اهو ڪتاب سنه ١١٩٠ هه ۾ تاليف ڪيو، جنهن جي تاليف جو سال خود ان جي نالي ”تحفة الطاهرين“ منجهان نڪري ٿو، جنهن جو اشارو مؤلف هيٺئين شعر ۾ ڪيو آهي:

شکرِ للّٰه که یافت زیبِ رقم
نسخهٔ دل پذیر و معدنِ هوش
سالِ اتمام و نامِ میمونش
”تحفة الطاهرين“ بگفت سروش
١١٩٠هه

مؤلف هن ڪتاب ۾ تذڪري نويسيءَ جو عام ۽ پراڻو اسلوب اختيار ڪيو آهي، يعني هر بزرگ جي سوانح، تعريف ۽ توصيف سان شروع ڪري، آخر ۾ ڪن ڪرامتن جي ذڪر سان بيان کي ختم ڪري ٿو- جنهن مان نه انهيءَ بزرگ جو ذاتي ۽ ضروري احوال معلوم ٿئي ٿو، ۽ نه ان جي دور ۽ زماني جي خبر پوي ٿي. اهو پڻ پتو پئجي ڪو نه ٿو سگهي ته هن زندگيءَ ۾ ڪهڙا ڪارناما ڪيا. ليڪن اهو ڏوھ فقط هن اسان جي هڪ مصنف جو نه آهي، بلڪ قديم زماني کان وٺي تذڪرن ۾ اهو ئي اسلوب هلندو آيو آهي، جنهن ڪري شيخ به انهيءَ پراڻيءَ پر ۽ قديم روش کان انحرافي ڪري نٿي سگهيو.

انهيءَ خاميءَ کان درگذر ڪندي، تاريخي نقطه نگاه کان هن ڪتاب ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي خصوصيت موجود آهي، جا ڪيس هرحالت ۾ ممتاز بنائي ٿي ڇڏي. اها آهي فاضل مؤلف جي اها ڪوشش، جو

هن پنهنجي تذڪري ۾ ٺٽي جي بزرگن ڪي پاڙي پاڙي آهر ورهائي ڇڏيو آهي، ۽ هر پاڙي جي بزرگن لاءِ جدا جدا باب قائم ڪيو اٿس، جنهن جي وسيلي اسين اڄ به پراڻي ٺٽي جي سلسليوار جاگرافي جوڙي سگهون ٿا. تنهن کان سواءِ اسان کي اهو به آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ اڳين زماني ۾ ٺٽي ۾ ڪهڙا ڪهڙا پاڙا، ڪهڙا شاهي رستا ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون بازاريون هيون. انهن بزرگن جي تربتن جا نشان جاچيندي، اڄ جو تاريخ نويس پراڻي ٺٽي جو نقشو تمام چڱيءَ طرح تيار ڪري سگهي ٿو. اهي سڀئي سهولتون رڳو انهيءَ ڪتاب منجهان ئي حاصل ٿي سگهن ٿيون.

جيتوڻيڪ "تحفة الڪرام" جي مؤلف به ٺٽي جي ڪن پاڙن جا نالا ڏنا آهن، پر انهن جو پورو ڏس، مقرر هنڌ ۽ تفصيلوار احوال رڳو "تحفه الطاهرين" منجهان ئي اسان کي معلوم ٿئي ٿو، ۽ انهيءَ نقطهٔ نگاه سان پراڻي ٺٽي جي جاگرافيءَ لاءِ فقط اهو هڪڙو ڪتاب ئي صحيح رهبر ثابت ٿي سگهي ٿو.

"تحفة الطاهرين" تيار ڪرڻ وقت مؤلف جي سامهون "حديقة الاولياءِ"، "تحفة الڪرام" ۽ "تذڪرة المراد" موجود رهيا آهن، ۽ انهن کان سواءِ هن پنهنجي سيني ۾ سانڍيل روايتن جي به ڪافي آڇتار ڪئي آهي، جي ڪيترن سالن کان سندس خاندان ۾ هڪڙن سينن مان ٻين سينن جو سينگار بڻبيون هليون آيون هيون.

اهو ڪتاب اسين ايندڙ صفحن ۾ ضروري حاشين سان سينگاري ۽ سنواري پيش ڪري رهيا آهيون.

"هيئت العالم"

شيخ محمد اعظم جو هيءُ ٻيو ڪتاب جاگرافيءَ جي موضوع تي آهي، جنهن کي رياست خيرپور جي واليءَ مير سهراب خان ٽالپر جي

نالي سان منسوب ڪيو آهي. هن ڪتاب لکڻ جي تحريڪ هن نموني ٿي، جو مؤلف جڏهن سورت ۾ مير حفيظ الدين خان جي نوڪريءَ ۾ هو، تڏهن هڪ رات خواب ۾ ڏٺائين ته:

"قدم در وادیٔ سیر و سلوک نهاده، دشت و کوه را می پیمایم، و در معموره و غیر معموره تگاپو می نمایم، و از شرق تا غرب و از شمال تا جنوب در طی بوادی و قطع جبال و صحاری عرق ریز شتاب و قدم فرسای تردد گشته، عجائبِ بر و بحر و غرائبِ دشت و شهر برای العین مشاهده می کنم." ۱

مؤلف هڪدم ننډ مان سجاڳ ٿيو ۽ جيڪا خواب ۾ ڏٺي هئائين، تنهن تي ويچار ڪندي، رنج ۽ ڏک ۾ پرجي ويو. لکي ٿو:

"گفتم: سبحان الله، تمنای خاطر آن بود که باقی عمر بآسائش و سکون بسر آید، و نفسی چند که مانده بآرامش و قرار بآخر رسد، ندانم که این واقعه را چگونه تعبیر خواهد بود." ۲

صبح ٿينديئي هو هميشه جي دستور موجب، حضرت مولانا خيرالدين نقشبنديءَ جي خدمت ۾ پهتو. مولانا صاحب کيس اهڙيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڏسي سبب پڇيو، جنهن تي هن پنهنجي خواب جي سچي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. مولانا صاحب ٿوري دير لاءِ مراقبو ڪيو ۽ پوءِ فرمايائين:

"دل خوش دار که از دستِ تو تالیفی آید، که صورتِ عالم در قالبِ بیان از آن وا نماید، و آن چه از بلاد و امصار

---

(۱) ديباچو "هيئت العالم".
(۲) ايضاً.

درگيتي واقع است، بوجهِ احسن چهره بکشايد، هان کمرِ همت ببند ، و از بحرِ مراد گوهرِ مقصود برگير." ١

اهو ٻڌي مؤلف ڏاڍو خوش ٿيو، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيائين؛ چنانچه "هيئت العالم" جي تاليف وقت هيٺيان ڪتاب سندس مطالعي هيٺ هئا.

(١) تشريح الممالڪ (٢) مجمع الاسرار (٣) مقياس الارض (٤) سفينة البلاد (٥) رياض الافاق (٦) تحفة الڪرام (٧) مجمع الغرائب (٨) مسالڪ ممالڪ (٩) ميزان الحڪمت (١٠) معلومة الافاق (١١) هفت اقليم (١٢) منتخب التواريخ (١٣) عجائب المخلوقات (١٤) مجمع النوادر (١٥) جامع التواريخ (١٦) آثار البلاد (١٧) تحفة الغرائب (١٨) صور الاقاليم (١٩) عجائب العالم (٢٠) عجائب البلدان (٢١) تاريخِ جهان نما.

اِهي سڀيئي ڪتاب "هيئت العالم" جا ماخذ آهن ۽ انهن گلن منجهان ئي هن اهو سدا بهار گلدستو تيار ڪيو آهي. هن ڪتاب جي تاليف ۾ شيخ محمد اعظم جيڪا محنت ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش ورتي آهي، تنهن جو بيان هن پاڻ ڏاڍي بليغ انداز ۾ ڪيو آهي، ۽ انهيءَ هڪ ٽڪري مان ئي سندس انشا پردازيءَ جي ڪماليت جو اندازو تمام چڱيءَ طرح سان ڪري سگهجي ٿو. لکيو اٿس ته:

"از هر کتاب آيتي، و از هر صحيفه روايتي، از هر چشمه نمي، و از هر نغمه ترنمي، از هر انجمن صداي، و از هر محفل نواي، از هر دوکان دانه، و از هر ترنم ترانه، از هر بحر گوهري، و از هر معدن جوهري فراهم آورده، رسالهٔ مختصر مفيد ساختم، و آن را 'هيئت العالم' نام نهادم." ٢

(١) ديباچهٔ "هيئت العالم".

(٢) ايضاً.

هن ڪتاب جو خاڪو ته سورت ۾ ئي تيار ٿي چڪو هو، پر اها خبر نٿي پئجي سگهي، ته مصنف هن جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪهڙي سنه ۾ ڪئي؟ رڳو ايترو معلوم ٿئي ٿو ته مؤلف هن جي پڄاڻي سنه ١٢٠٧ هه ۾، گهٽو ڪري سنڌ ۾ ئي ڪئي - چاڪاڻ ته ڪتاب پوري ٿيڻ ڪان پوءِ هن پنهنجي انهيءَ بي بها تاليف کي، سنڌ جي فياض ۽ علم پرور هستيءَ، يعني خيرپور جي واليءَ مير سهراب خان ٽالپر، جي نالي سان منسوب ڪيو آهي.

"هيئت العالم" ۾ ڪل آٺ باب آهن، جن جي ترتيب هيٺينءَ ريت آهي:

باب اول : در بيانِ افلاڪ.

باب دوم : در بيانِ احوالِ شمس نسبت بقمر، و بيان ڪسوف و خوف.

باب سيوم : در بيانِ عناصرِ اربع.

باب چهارم : در بيانِ جبال.

باب پنجم : در بيانِ بحور شور و شيرين.

باب ششم : در بيانِ ڪائنات.

باب هفتم : در شرح اقاليم سبعه و بلادِ آن.

باب هشتم : در شرحِ غير معموره، و عجائبات آن.

هن ڪتاب ۾ مؤلف پنهنجي سنڌ ديس کي تمام ٿوري جڳهه ڏني آهي - يعني فقط بکر، الور، سيوستان، حيدرآباد ۽ ٺٽي جو احوال ڏنو اٿائين ۽ اهو به انتهائي اختصار سان - حالانڪ شيخ مرحوم جنهن صورت ۾ جاگرافيءَ تي ڪتاب لکي رهيو هو، تنهن صورت ۾ کيس گهربو هو ته آن ۾ اِنهن شهرن جو تفصيلي احوال ۽ خاص طرح سان، پنهنجي زماني ۾ انهن شهرن جي صورت حال مفصل بيان ڪري

ها، جيڪو اڄ اسان لاءِ هوند تمام ڪارائتو ثابت ٿئي ها

" هيئت العالم " لکڻ وقت جدا جدا شهرن جو احوال لکندي، ڪيترن هنڌن تي مؤلف پنهنجا اکين ڏٺا واقعا به بيان ڪيا آهن، جنهن جي ڪري ڪتاب جي مفيد هئڻ جو پهلو تمام گهڻو وڌي ويو آهي.

انهيءَ ڪتاب جو هڪ نسخو جيڪو مصنف جي زماني جو ئي معلوم ٿئي ٿو، سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود آهي، جنهن جي سائيز $7\frac{1}{2}$x5 آهي، منجهس ١٤٨ صفحا آهن ۽ هر صفحي ۾ ١٣ سٽون اٿس.

انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌ جي باري ۾ جيڪو احوال آهي، تنهن کي هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ اسان ضميمي طور ڏنو آهي، ته ڪ سنڌ جي باري ۾ مصنف جا محنت ڪئي آهي سا يڪجا شايع ٿي وڃي.

وفات

اها ڳالهه به تحقيق سان چٽيءَ طرح ثابت ٿي نه سگهي آهي، ته " تحفة الطاهرين " جو مؤلف ڪهڙي سنه ۾ پيدا ٿيو ۽ ڪهڙي سال ۾ وفات ڪيائين. پر اندازن ۽ اشارن منجهان چئي سگهجي ٿو ته هو ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري ميان نور محمد ڪلهوڙي (١١٣٠هه - ١١٦٧هه) جي حڪومت ۾ ڪنهن به وقت پيدا ٿيو هوندو. نادر شاه جي ڦرلٽ، ڪلهوڙن جي گهرو لڙائي ۽ سندن زواليت ۽ ٽالپرن جي حڪومت جي شروعات ۽ ٻيا سڀ واقعا پنهنجي حياتيءَ ۾ خود پنهنجن اکين سان ڏٺا هوندائين.

"هيئت العالم سندس پڇاڙيءَ واريءَ عمر جي تصنيف آهي. قياس جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته ڪتاب پوري ٿيڻ کان پوءِ هن جلد ئي وفات ڪئي هوندي. والله اعلم بالصواب.

"تحفة الطاهرين جا نسخا

مون " تحفة الطاهرين " کي ايڊٽ ڪرڻ وقت هيٺيان ٽي نسخا

پنهنجي سامهون رکيا آهن :

(۱) سيد حسام الدين راشديءَ وارو نسخو، جنهن تي ڪتابت جو سال ڄاڻايل ڪونهي، پر ڪاغذ ۽ خط جي اعتبار سان بلڪل جهونو نسخو معلوم ٿئي ٿو. آن جي سائيز ۹X۵آهي، صفحا ۱۰۰ ۽ هر صفحي ۾ ۱۹ سٽون اٿس. انهيءَ نسخي کي بنياد بڻائي، هيٺ ڄاڻايل ٻن نسخن سان تمام چڱيءَ طرح ڀيٽيو ويو آهي.

(۲) مولانا مفتي محمد ابراهيم صاحب گڙهي ياسينيءَ وارو نسخو. هيءُ نسخو معمولي اکرن ۾ لکيل آهي. سائيز ۷X۵ صفحا ۱۲۰ ۽ هر صفحي ۾ ۱۸ سٽون اٿس. خط جي نموني ۽ ڪتابت جي انداز منجهان معلوم ٿئي ٿو ته چاليهه پنجاهه سال اڳي جو لکيل آهي.

(۳) منهنجو پنهنجو نسخو. هيءُ نسخو منهنجي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي. اٽڪل سٺ ستر سال اڳي جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. سائيز $10X7\frac{1}{2}$ صفحا ۹۶ ۽ هر هڪ صفحي ۾ ۱۹ سٽون اٿس.

ماخذ

هن ڪتاب جي تصحيح وقت هيٺيان ڪتاب منهنجي مطالعي هيٺ رهيا آهن :

(۱) "تحفة الڪرام" مير علي شير قانع ٺٽوي (ڇپيل)
(۲) "حديقة الاولياء" سيد عبدالقادر ٺٽوي (قلمي)
(۳) "تذڪرة المراد" حاجي محمد حسين صفائي ٺٽوي (قلمي)
(۴) "مقالات الشعراء" مير علي شير قانع ٺٽوي (قلمي)
(۵) "معارف الانوار" محمد صالح بن زڪريا ٺٽوي (قلمي)
(۶) "آداب المريدين" سيد علي ثاني (قلمي)
(۷) "مڪلي نامه" مير علي شير قانع ٺٽوي
(مطبوعه "مهراڻ" ۲-۱۹۵۶ع - سنڌي ادبي بورڊ)

(٨) "لب تاريخ سند" خداداد خان (مطبوعہ)
(٩) "بزم صوفياء" دارالمصنفين (مطبوعہ)

تصحيح سان گڏو گڏ اسان ضروري هنڌن تي تشريح ۽ وڌيڪ چٽائيءَ لاءِ ڪي نوٽ به ڏنا آهن. خيال هو ته جن اوليائن سڳورن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ اچي چڪو آهي، تن جي تربتن جا فوٽا ۽ نقشا به ڏنا وڃن، پر وقت جي مجبورين سبب اسان جي اها ڪوشش ڪامياب نه ٿي سگهي، تنهن ڪري في الحال انهيءَ صورت ۾ ئي اهو نسخو پريس ۾ موڪليو ويو. جيڪڏهن آينده حالتون سازگار ٿيون ته انشاءَ الله ٻي ايڊيشن ۾ انهن سڀني اوڻاين ۽ پوٽاين جو پورائو ڪيو ويندو.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ پنهنجو اخلاقي ۽ ضروري فرض سمجهان ٿو ته پنهنجي محترم دوست سيد حسام الدين راشديءَ جو دل جي خلوص سان شڪريو ادا ڪريان، ڇاڪاڻ ته هن صاحب انهيءَ ڪتاب جي سلسلي ۾ پنهنجن مفيد مشورن سان منهنجي هر قدم تي رهنمائي ڪرڻ فرمائي آهي ۽ مواد ڪٺي ڪري ڏيڻ ۾ ته ڪابه ڪسر باقي نه ڇڏي اٿس: ۽ سچ پچ حقيقت اها آهي، ته جيڪڏهن هن صاحب جو خلوص ۽ مهربانيون مون سان شامل نه هجن ها، ته هن ڪتاب ايڊٽ ڪرڻ ۾ مون کي تمام گهڻين تڪليفن ۽ دشوارين کي منهن ڏيڻو پوي ها.

مان پنهنجي دوست مولانا اعجازالحق صاحب قدوسيءَ جو به شڪرگذار آهيان، جنهن صاحب هن ڪتاب جي مسودي پڙهڻ ۽ متن جي تصحيح ۾ منهنجي ڪافي مدد ڪئي آهي ۽ پنهنجي قيمتي وقت سيڙائڻ ۾ وسئون ڪين گهٽايو اٿس.

مسٽر محمد ابراهيم جويو سيڪريٽري سنڌ ادبي بورڊ به منهنجي شڪرگذاريءَ جو مستحق آهي، جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۽ پروفن ڏسڻ ۾ اخلاص ۽ ڪافي محنت کان ڪم ورتو آهي ۽ پنهنجين اکين جو نور نچويو آهي.

منهنجي دعا آهي تہ خداوند ڪريم انهن سڀني پلارن بزرگن ۽ اڪابر اوليائن جي صدقي، جن انسانيت جي علم بلند ڪرڻ لاءِ سر ڏنو ۽ ڪوششون ڪيون ۽ جن جو تذڪرو هن ڪتاب جي سونهن ۽ سوڀيا آهي، اسان سڀني کي سٺي سيرت ۽ نيڪ عملن ۾ اهو ممتاز درجو عطا فرمائي، جنهن لاءِ انهن خدا جي پاڪ بانهن پنهنجون پياريون حياتيون وقف ڪري ڇڏيون هيون.

"آشيانءِ ادب" ڳڙهي ياسين سڪر
۲- جون، سنہ ۱۹۵۶ع

بدر عالم دراني

تحفة الطاهرين

46

بسم اللّٰه الرحمن الرحیم

حمد و ثنائی احدی را که در ساحتِ وجودِ انسان علمِ محبت افراخت و دلهای اهلِ صفا را گنجینهٔ معرفت ساخت، مشعل هدایت در راهِ اهلِ ایقان افروخته، و نقد عرفان در خزینهٔ خانه جانِ شان اندوخته، خاک نشینان مصطبهٔ شوق مست جام تفرید، و گرم روان بادیهٔ عشق را غرقِ لجهٔ توحید گردانید، مرآتِ ضمیر از اشعلهٔ تجلیاتش روشن و صحبتِ دل از گلهای معرفتش گلشن، دلهای عاشقان از آتشِ محبت سوختهٔ او، و آتش عشق در کانونِ دل افروختهٔ او، جلّ جلاله، و عمّ نواله۔

و صلوات بی عدد، و درود بی حد، بر روحِ مطهر آن شافعِ محشر، شگافندهٔ قمر، سرورِ انبیاء، سرخیلِ اصفیاء، فخر رسل، هادیٔ سبل، مظهرِ کرم، عالی همم، مربع نشین چار بالش نبوت، زیب افزای مسندِ رسالت، قافله سالارِ شاهراهِ هدایت، فروغ بخشِ ناصیهٔ شفاعت، سید المرسلین و سند العاصیین احمد مجتبیٰ محمد مصطفیٰ صلی اللّٰه علیه و سلم۔

و بر آل اطهار، و اصحابِ احرار که مقتدای عالم، و رهنمای بنی آدم اند باد، الی یومِ التناد۔

امابعد۔ می گوید اضعف عباد اللّٰه العلام محمد اعظم بن شیخ محمد شفیع بن شیخ عبد السلام غفر اللّٰه له و لولدیه و احسن الیهما و الیه که هر چند ذکر برخی از اولیاِ اللّٰه که در کوه

مکلی۱ و شهر تته۲ آسوده اند تقریباً در بعضی کتب مذکور است، اما رسالهٔ مبسوط درین باب تا الیوم که سال هزار و یک صد و نود و چهار (۱۱۹۴) هجری است، در سلکِ تالیف نیامده، بنابر آن اکثر اوقات بخاطر این ذرهٔ کمتر نقشِ این معنی صورت می بست که سطری چند در مناقب و محامد اهلِ عرفان و شمه از کرامات و خوارقِ عاداتِ اصحابِ ایقان که در کوهِ مکلی و عین بلدهٔ تته و سوادِ آن آسوده اند، رقم پذیر خامهٔ تالیف گرداند، و نسخهٔ علحده جامع مدعا در سلکِ تدوین درآرد.

درین آوان مسرت اقتران که شبِ امید را صبحی و خاطرِ

---

(۱) "تحفة الڪرام" جي صاحب مڪليءَ جي نالي جو ڪارڻ هن ريت نقل ڪيو آهي :

"خدا رسيده بزرگن منجهان ڪو بزرگ حرمين شريفين ڏانهن وڃڻ جي ارادي سان هتان اچي نڪتو. اچڻ ڪان پوءِ مٿس وجد جي هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ٿي، جو انهيءَ حالت ۾ گهڙيءَ گهڙيءَ ائين ٿي چيائين ته 'هٰذَا مَڪَّة لِي'، جنهن جو مطلب آهي ته 'هيءَ منهنجي لاءِ مڪو آهي'. اِهو ان بزرگ جي زبان جو اثر ۽ ڪرشمو آهي جو اهو هنڌ 'مَڪَّة لي' جي 'ت' جي تخفيف سان 'مَڪَّلِي' ۽ پوءِ 'مڪلي' مشهور ٿي ويو." - تحفة الڪرام جلد ٣، صفحو ١٨٥ .

(٢) "تاريخ طاهريءَ" ۾ لکيل آهي ته ""ٺٽي جو بنياد ڄام نظام الدين 'نندي' وڌو. هن جڏهن هِن شهر جو بنياد ٿي رکيو، تڏهين نجومين کي گهرائي، ساڻن صلاح ڪيائين ته هن شهر کي ڪهڙيءَ طرح آباد ڪيو وڃي؟ انهن جواب ڏنو ته 'اوهان جيڪڏهين اِهو شهر جبل جي مٿان آباد ڪندا، ته منجهس سنگدل ۽ جاهل ماڻهو پيدا ٿيندا ۽

مترصد را فیضی پدید آمده بود، بمقتضای حدیث شریف تنزلُ الرحمة عند ذکر الصالحین ۔

بنابر استفاضهٔ رحمت، و استفادهٔ عنایت حکایات چند از مشائخ حق پیوند که متحقق گشته، و از کتب معتبره دانسته، معتمده معلوم شده در سلک تحریر و سمط تسطیر درآورده رساله ساخته، و نام آن را "تحفة الطاهرین" نهاده، و تاریخِ اختتام این صحیفهٔ شریفه نیز از نام برآورده ۔

لمولفه،

شکر للّٰه که یافت زیبِ رقم

نسخهٔ دل پذیر و معدنِ هوش

انهن منجهان وقت جي حاڪم کي هميشه خطرو رهندو. پر جڏهن اوهان آن کي جبل جي هيٺاهين ۾ آباد ڪندا ته منجهس نرم طبيعت، سياڻا ۽ نازڪ مزاج ماڻهو پيدا ٿيندا ۽ آهي پنهنجن حاڪمن سان سدائين وفادار رهندا'.

''اِهو ئي سبب هو، جو ڄام نظام الدين 'نندي' ٺٽي جو بنياد، جبل جي ماڙيءَ ۾، سنه ۸۸۳هه مطابق سنه ۱۵۸۵ع ڌاري قائم ڪيو. جيئن ته اهو شهر جبل جي هيٺاهينءَ ۾ آباد ٿيو هو، تنهنڪري ان جو نالو 'ته تهه' پئجي ويو، جو هوريان هوريان مٽجي، 'ٺٽي' جي نالي سان مشهور ٿي ويو.''

پر اسان کي محمد شاه تغلق ۽ فيروز شاه تغلق جي زماني ۾ به ٺٽي جو نالو نظر اچي ٿو. (تاريخ "مبارڪ شاهي" ۽ "تاريخ فيروز شاهي"۔ عفيف) جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٺٽو مٿين روايت جي زماني کان ڪي صديون اڳ آباد ٿي چڪو هو. ٿي سگهي ٿو ته وچ ۾ ويران ٿي ويو هجي، ۽ ڄام نظام الدين آن کي وري آباد ڪيو هجي۔ والله اعلم بالصواب."

سالِ اتمام و نام میمونش
"تحفة الطاهرین" بگفت سروش
۱۱۹۴ھ

از مکارمِ اخلاق و محامدِ اوصاف ناظرانِ این گلشنِ فیض توقع آنست که درحین مطالعه مؤلف را بدعای خیر یاد آرند، و طریقهٔ نسیان مجوز ندارند.

مناجات

الٰهي برمن ببشخا- چشمِ دلم بسوی خودبکشا، از خود بینی بیزارم کن- از خوابِ غفلت بیدارم کن، بلطفِ عمیم خود مرا بنواز- خانهٔ دلم از غیر پرداز- الٰهي ازکرم عذرِ من بپذیر- در روزِ درماندگی دستم بگیر، الٰهي بر بیکسیٔ من رحم آر- شرِ شیطان ازمن دوردار، خارهوس از راهم برگیر- سخت افتاده ام دستم بگیر، جذبهٔ توفیق دمسازم کن- با گوهرِ عشق همرازم کن، درعشق خود بیقرارم کن- از جامِ محبت سرشارم کن، الٰهی از کردارِ خود شرمسارم- امیدِ عفو از تو دارم، از چاهِ ضلالتم برون آر- بارانِ رحمت بر من ببار، دلم را از ما سوی پپرداز- بنور هدایت منور بساز، کلبهٔ جانم را نوری ببخش- دلِ دردمندم را سروری ببخش، توفیقم ده که آشناي تو باشم- تلقینم کن که شناساي تو باشم، شمعِ معرفت در دلم افروز- خاشاکِ هوس از خاطرم بسوز، از آفتابِ عنایت شبِ من سحر کن- دل مُرده ام لطفِ خودم رهبرم کن، شبِ امیدم را صبحی پدید آر- خاطرِ محزونم را فرحی پدید آر، از شرِ شیطان پناهم ده- در گلشنِ معرفت راهم ده، الٰهی

قادر توئی روی بکه آرم ـ قاضی الحاجات توئی امید بتو دارم، الٰهي از تو ام چشم مرحمت از تو دارم ـ الٰهي گنهگارم امیدِ مغفرت از تو دارم، الٰهي شناسائی عهدِ الستم کن ـ الٰهي از رحیقِ تحقیق مستم کن، الٰهي دردِ خود ده درمانم تو باش ـ بیقراری هائی عشق ده جانانم تو باش، گم گشتگان بوادیٔ ضلالت را رهنما توئی ـ سرگشتگان بیدای ناکامی را کام روا توئی، الٰهی مرا آشنای درگاهِ احدیتِ خود کن ـ الٰهی مرا شناسای بارگاهِ صمدیت خود کن، الٰهی از بطنِ عدم مرا بعرصهٔ وجود آوردی ـ الٰهی از کتمِ غیب مرا به جلوهٔ شهود آوردی، اکنون آن کن که شائستهٔ رحمت تو باشم ـ با من چنان کن که بائستهٔ مغفرتِ تو باشم، الٰهی بحقِ جان بازانِ معرکهٔ شهادت ـ الٰهی بحقِ گرمروان راهِ ارادت، الٰهی بحقِ یکه تازانِ معرکهٔ پرهیز وتقوا ـ الٰهی بحقِ سالکانِ مسلکِ صدق وصفا، الٰهی بحقِ می کشانِ مصطبهٔ معرفت ـ الٰهی بحق جرعه نوشانِ خمخانهٔ محبت، دلم را بصیقلِ معرفت منجلی کن ـ آئینهٔ ضمیرم را مظهرِ تجلی کن، کیشتِ امیدم را ببارانِ رحمت خود سیراب کن ـ دل اندوه گینم را بمحبت خود شاداب کن۔

اللهم ارزقنا حبک وحبِ من یحبک

وحبِ عمل یقرِبنا الیک

پوشیده نماند که این رساله مشتمل است بر دو باب و یک مقاله:

باب اول :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در کوهِ مکلی آسوده اند۔

باب دویم :- در ذکر اولیاءُ اللّٰه که درعینِ بلدهٔ تته آسوده اند، و آن مشتمل است بر یازده فصل۔

فصل اول :- در ذکر اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ غله بازار آسوده اند۔

فصل دویم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ بهائیخان آسوده اند۔

فصل سویم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ سهتیه آسوده اند۔

فصل چهارم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ مغلواره آسوده اند۔

فصل پنجم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ آکر آسوده اند۔

فصل ششم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ تندسر آسوده اند۔

فصل هفتم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ گدا بازار آسوده اند۔

فصل هشتم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ مسکر آسوده اند۔

فصل نهم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ خواجه شکر آسوده اند۔

فصل دهم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در محلهٔ تهتی آسوده اند۔

فصل یازدهم :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در سوادِ قلعه ارک آسوده اند۔

مقاله :- در ذکرِ اولیاءُ اللّٰه که در سواد بلدهٔ تته آسوده اند۔

باب اول

در ذکر اولیاءُ اللّٰه که در کوهِ مکلی آسوده اند

در ''حدیقة الاولیاء'' ۱ مذکور است که جام تماچی ۲ در عهدِ دولتِ خود مطابقِ ارشاد فیض رشاد عارفِ حق، ولیٔ مطلق، واصلِ محقق شیخ حماد المعروف به جمالی درویش قدس سره العزیز مسجدی برین کوه فلک شکوه بنا فرمود، وآن را ''مکلی'' نام نهاد، از آن باز این کوه بنام مسجدِ مذکور اشتهار یافت و نیز مطابق فرموده آن بزرگوار بمردم امر نمود تا اموات را که

(۱) هيءُ سنڌ جي اوليائن جو سڀ کان پهريون تذڪرو آهي، جو اڃان تائين شايع نہ ٿيو آهي. ''تحفة الڪرام'' ۽ ''تحفة الطاهرين'' جو ماخذ بہ اِهوئي تذڪرو آهي، جنهن جو مصنف، سيّد عبد القادر بن سيّد محمد هاشم بن سيّد محمد حسين ٺٽي وارو، مرزا خسرو چرڪس جي دربار جو نوازيل هو. هن اِهو تذڪرو، مرزا خسرو چرڪس جي فرمائش تي لکيو ۽ ان جي ئي نالي سان منسوب ڪيائين.

- (''مقالات الشعراء''- صفحو ۸۸)

(۲) ڄامن جو گهراڻو، سمن جي خاندان سان تعلق رکي ٿو. ڄام اُنڙ جو پٽ، ڄام تماچي سمن جي خاندان جو ٽيون بادشاہ هو، ۽ جو بابيني جي پٽ، ڄام جوڻي جي مرڻ کان پوءِ، ملڪ جي سڀني اميرن جي صلاح سان تخت تي ويٺو هو. سلطان علاءالدين جو لشڪر، لڙائيءَ کان پوءِ، ڄام تماچيءَ کي سندس ٻارن ٻچن سوڌو دهلي وٺي ويو.

-(''تاريخ معصومي'' صفحو ٦٣)

سابق بموضع "آري" ١ بردند و در جوارِ درگاه فلک بارگاه، قدوة المحققين، زبدة العارفين، حضرت شاه عالم المعروف به شيخ پهته ٢ قدس سره العزيز مدفون مي کردند، من بعد بر کوهِ

(١) هيءُ ڳوٺ ٺٽي کان ١٣ ميل ڏکڻ طرف پڌل آهي. هن کي "پيرآر" به ڪري چوندا آهن، ۽ اڄ ڪلهه اهو ڳوٺ "پير پٺي" جي نالي سان مشهور آهي.

(٢) هنن جو اصلي نالو "پير حسين"، ڪُنيت "ابوالخير" ۽ "شاه عالم" لقب هون. سندن اباڻي آکه جو سلسلو، پير حسين بن راڄپر بن ڪاهو بن لاکو بن سخيري سان وڃي ٿو ملي.

سندن والده سڳوريءَ جي نسب جو سلسلو ("بياض سچيڏنو"- صفحو ٩٩- ملڪيت سنڌي ادبي بورڊ) هن ريت ڄاڻايل آهي: بيبي سلطان ڌيءَ مدار ڌيءَ شرفو.

حضرت شيخ پٺو، سنڌ جي وڏن ڀلارن اوليائن سڳورن مان ليکيو وڃي ٿو. پاڻ حضرت شيخ زڪريا بهاءُ الدين جا مريد هئا. مريد ٿيڻ کان اڳ، ٺٽي جي ويجهو، هڪ جبل جي غار ۾ رهندا هئا. حضرت شيخ ذکريا بهاءُالدين جي مريد ٿيڻ کان پوءِ، سندن ولايت ۽ ڪرامت جي مشهوري نهايت گهڻو وڌي ويئي. پاڻ سنه ٩٠٦هه ۾ وفات ڪيائون؛ ۽ انهيءَ ساڳئي جبل تي دفن ٿيا، جنهن جي غار ۾ رهندا هئا. سندن تربت اڄ به عام خاص ماڻهن جي زيارتگاهه آهي- جيئن "حديقة الاولياء" جي مصنف چيو آهي:

"زائرانِ آستانش صد هزار
مي رسد از هر طرف ليل و نهار"

يعني:

ماڳ انجي جا سلامي سو هزار
هر طرف کان ٿا اچن ليل و نهار

مکلی مدفون می‌ساخته باشند.

از آن باز این کوه فیض انبوه، معدنِ اولیاء، مخزنِ اصفیا است، کسي را چه یارا که بشمار تمامي اولیاء الله آسودهٔ این طورِ تجلي عَلم بیان افرازد، و بتعداد همگي مزاراتِ متبرکهٔ ایشان پردازد، و در هر گوشه مردي، در هر کنجي صاحب دردي خفته، در هر گام خدا آگاهي، و در هر قدم مرد راهي آسوده.

مولفِ این صحیفهٔ شریفه فراخور طاقت بقدري که از آن گروه صاحب کمال اطلاع حاصل نمود، نوک ریزِ خامه بیان‌مي گرداند.

رب یسر و تمم بالخیر

(۱)
ذکر حضرت قطب الاقطاب سید محمد حسین المعروف به پیر مراد ۱ قدسِ سره

آن سالارِ قوافلِ احرار، سرِ دفترِ مشائخِ کبار، شهبازِ اوجِ حقیقت، جلیل قدر، عالي مرتبت، گرامي گوهرِ بحر اصطفاء، مشعله دارِ شبستانِ ارتضا، نخل بندِ ریاضِ هدایت، رنگ بخش حدیقهٔ ولایت، مربع نشین چار بالشِ سروري، مسند

---

(۱) سندن تفصیلوار احوال هیٺین ڪتابن ۾ ملي ٿو:
حافظ حاجي محمدحسین ''صفائي'' جو تصنیف ڪیل ''تذکرة المراد''؛ حضرت سید علي ثاني جو تصنیف ڪیل ''آداب المریدین''؛ ''معارف الانوار''؛ «بیان فضائل سید الابرار و ائمه اطهار و احوال قطب المختار''، مصنف: محمد صالح بن ملا زکریا ٺٽي وارو.

آراي محافلِ برتري ، قطبِ زمان ، محبوبِ سبحان ، سالک مسالکِ صدق و سداد ، يعني حضرت پير مراد قُدس سرُہ ۱ ۔

ولادت با سعادتِ وي در سال هشت صد و سي (۸۳۰) هجري صورت گرفت ، حقائق و معارف آگاهان پير گرگنج و شيخ عيسیٰ لنگوتي و چندي ديگر از اولياء الله از تولد آن جناب قبلاً خبر داده بودند و اظهارِ ارادت خود نموده بودند ۔

---

(۱) حضرت پير مراد جي نسب جو سلسلو هن ريت آهي.

سيد محمد حسين عرف سيد مراد (وفات سنہ ۸۹۳ھ) بن سيد احمد بن سيد محمد شيرازي، بن سيد محمود (وفات سنہ ۶۹۴ ھ ، مدفن شيراز)، بن سيد محمد (وفات سنہ ۷۱۴ ھ)، بن شاه محمود (وفات سنہ ۷۵۳ھ)، بن سيد اِبراهيم (وفات سنہ ۶۴۵ ھ ، مدفن شيراز) بن سيد قاسم (وفات سنہ ۶۳۰ ھ ، مدفن شيراز) ، بن سيد زيد (وفات سنہ ۶۰۹ھ ، مدفن مڪو شريف) ، بن سيد جعفر (وفات سنہ ۵۰۵ ھ ، مدفن مڪو شريف ـ جنت المعلیٰ) ، بن شاه حمزه (وفات سنہ ۵۴۹ھ ، مدفن ڪربلا) ، بن شاه هارون (وفات سنہ ۵۳۲ھ ، مدفن ڪربلا) ، بن سيد عقيل (وفات سنہ ۵۱۲ھ مدفن ، ڪربلا) بن سيد عقيل (وفات سنہ ۴۹۲ ھ ، مدفن سرمن ريٰ) ، بن سيد اسماعيل (وفات سنہ ۴۳۹ھ ، مدفن سرمن ريٰ) بن سيد علي اصغر، بن سيد علي جعفر، بن سيد محمد، بن سيد علي نقي، بن اِمام علي رضا، بن اِمام موسیٰ ڪاظم .

("معارف الانوار" قلمي مصنف: محمد صالح ٺٽي وارو)

نوٽ: هيءُ نسخو منهنجي لئبرري ''آشيانہ ادب'' ۾ موجود آهي.

(مرتب)

گويند بعد تولد چشمها را نمي کشود ، تا شيخ عيسیٰ درآمد ، بروي او چشم را بکشود ، شيخ گفت : "اين از آن است که من بمريدي وي انتظار داشتم ."

در "تذکرة المراد" مذکور است که هر گاه عمرِ شريفش چهل سال منقضي شد ، اظهار طريقهٔ خود فرمود . مردم از هر جانب جوق جوق بخدمت وي مي آمدند ، و دست ارادت مي دادند ، تا غلغلهٔ مشيختش سامعه افروز حقائق و معارف آگاه شيخ صدرالدين نبيرهٔ حضرت شيخ بهاء الدين (۱) زکريا ملتاني قدس سره گرديد .

وي خادمي را از ملتان بطلبِ آن حضرت روان ساخت و جامي بلب از شير مصحوب وي فرستاد ، مرکوز شيخ آن بود که همچنان که جام از شير پُر است ، ملکِ سند از مشيختِ ما مملو است ، گنجايش ديگري نا ممکن ، و هم اظهارِ کرامات بود که در اين همهِ بُعد مسافت از ملتان تا بلدهٔ تته مطلقاً آن شير تغير نيافته ، و يک قطره از آن جام نه ريخته ، فرستادهٔ شيخ

(۱) حضرت شيخ بهاءالدين زکريا جو ڏاڏو، حضرت کمال الدين شاه قريشي مڪّه معظمه مان خوارزم، ۽ پوءِ اتان ملتان ۾ آيو، ۽ اتيئي ڪِس شيخ بهاءالدين زکريا جو والد، مولانا وجيه الدين ڄائو. مولانا وجيه الدين پنهنجي سهر سان گڏ، ملتان جي پسگردائيءَ ۾، ڪوٽ ڪروڙ جي قلعي ۾ رهندو هو، ۽ شيخ بهاء الدين زکريا به اتيئي پيدا ٿيو. شيخ بهاء الدين، شيخ شهاب الدين سهروردي‌ءَ جو مريد ۽ خليفو هو. "سفينة الاولياء" ۾ سندس ولادت سنه ۵٦۵ هه ۽ وفات سنه ٦٦٦ هه لکيل آهي. ("بزم صوفياء" - صفحو ۱۰۴)

چون ببلده رسيده شرفِ حضور دريافت ، بعد اداي پيغام طلب جام شير پيش نهاد . حضرت قطب الاقطاب مشتي ازهار از زير مصلاي نماز بر آورده بالائي آن جام گذاشت ، يعني 'جاي ما خاليست' . و درخصوص طلب جوابي بداين مضمون بشيخ فرستاد "كه شما از اولادِ حضرت ابابكر صديق و من از اولادِ حضرت پيغمبرم ، ابابكر صديق رض هر روز ، بخدمتِ پيغمبر رفتي و پيغمبر درخدمت وي بضرورت تشريف بردي ، در اين صورت بر سنتِ اسلاف شما را آمدن مي سزد ، نه ما را ."

بعد وصولِ اين اجوبه فرستادهٔ شيخ معاودت كرد ، و حقيقتِ حال را من وعن بعرض شيخ رسانيد ، و آن جام را بمعه ازهار بجنسه در نظرِ پير روشن ضميرِ خود درآورد . گويند ازهار كه از غايتِ نزاكت بساعت چند پزمان شوند ، بعد ورودِ آو به ملتان همچنان تازه و طراوت پذير بودند . آورند كه شيخ را جاذبهٔ ملاقات آن جناب دامن گيرِ دل شد و عنقريب واردِ بلده و كامياب دولتِ مواصلت گرديد ، و فيما بين ايشان صحبتِ محققانه دست داد .

منقول است كه روزي آن هر دو شه سوارِ مضمارِ حقيقت براي اداي نماز جمعه به مسجد كلان (۱) كه به 'وليِ نعمت'

---

(۱) ٺٽي جي جامع مسجد، جنهن جي باري ۾ "تحفة الڪرام" جي مصنف جو بيان آهي ته 'اها مسجد سمن حاڪمن ٺهرائي هئي، ۽ ان ڪي مسجد "مسجد ولي نعمت" به ڪري چوندا هئا.'

("تحفة الڪرام" - ص ۱۹۰ - جلد ۳)

اشتهار دارد تشریف مي بردند، گربه مرده درعین راه افتاده بود ، شیخ فرمود "قُم بِاذنِ اللهِ" - درحال زنده شد. آنحضرت بجانب وي نگریست و ساکت ماند ، بعد ورود بمسجد هر چند برائي امام انتظار کشیدند بنابر سببي حاضر نه شد ، حضرت قطب زمان خادمي را فرمود : برو "از اثناي راه یکي را بطلب." گویند هرگاه وي از مسجد برآمد ، نظرش بر برهمن سال خورده افتاد که عمرش بکفر و بُت پرستي بسر آمده بود - وي را گفت "ترا قطبِ زمان مي‌طلبد". او اجابت کرد و بمسجد درآمد. آنحضرت برقع از روئ مبارک خودبرگرفت ، هم یک نظرِ وي برویتِ شریف افتاد ، درحال زنّار را بگسست و به قال الله و قال الرسول مشغول گشت ، و بعد اداي خطبه و نماز جمعه بمنبر برآمد، کلمهٔ بسم الله را چهارده معنیٰ بیان ساخت ، آن گاه‌حضرت قطبِ زمان‌به شیخ فرمود که "مرده را زنده کردن بدعت است ، دل را احیا کردن سنتِ مسائخ است." شیخ فرمود "تو مرادِ مشائخاني ، و از تو مرادها حاصل" - از آن باز بلقبِ "مراد" شهرت یافت .

از آثار وي معبد ۱ صفحه است که در اصل معبدِ سترگ هنود بود ، هر گاه آن جناب بانهدامِ آن امر فرمود، جام نظام الدین عرف جام ننده ۲ که واليِ آن عهد بود ، بنابر استغاثهٔ کفار،

(۱) "تحفة الکرام" جي صاحب جو بیان آهي ته شروعات ۾ اها مسجد جام نظام الدین جي دیوان لکي مل جو بت خانو هئي ، جنهن کي سید مراد ، پنهنجي زماني ۾ مسجد ۾ بدلائي ڇڏيو. جڏهن آهو بت خانو مسجد ۾ تبدیل ٿي رهيو هو ، تڏهن دیوان لکي مل

